قرآني بيان

# باجماعت نماز جا فضائل

(سيپارو:1، سوره بقرة:43)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)

جي تحت مسجدن جي لاءِ

1 مئي، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 13ذو القعده، 1447ھ)

جمعة المبارڪ جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

1 مئي 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 13 ذوالقعده 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# باجماعت نماز جا فضائل (سيپارو: 1، سوره بقرة: 43)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ

✿... بني اسرائيل جي لاءِ شفا جو نسخو

✿... نماز قائم ڪرڻ جي معنيٰ

✿... چور نماز پڙهڻ جي برڪت سان سُڌري ويو

✿... باجماعت نماز جا فضائل

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم قَالَ:

مَا مِنْ مُسْلِمٍ يُصَلِّيْ عَلَيَّ اِلَّا صَلَّتْ عَلَيْهِ الْمَلَائِكَةُ مَا صَلّٰى عَلَيَّ، فَلْيُقِلَّ الْعَبْدُ مِنْ ذٰلِكَ اَوْ لِيُكْثِرْ۔

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: مسلمانُ جيستائين مون تي درود شريف پڙهندو رهندو آهي ملائڪ ان تي رحمتون موڪليندا رهندا آهن، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي گهٽ پڙهي يا وڌيڪ.[1]

زبان و قلب کی عظمت درود پاک سے ہے
ہر ایک غم میں حفاظت درودِ پاک سے ہے

[1]...ابن ماجه، كتاب اقامه الصلاة ...الخ، باب الصلاة على النبى صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم، صفحه:152، حديث:907۔

ازل کے دن سے مِرے مصطفےٰ کے چرچے ہیں
تمام دہر پہ رحمت درودِ پاک سے ہے

وضاحت: دَهَر: يعني زمانو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ ارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 43)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى الله عَلَيْهِ وَ آلِهِ وَسَلَّم

ترجموڪنزالعرفان: ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪريو ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آيتِ ڪريم جو مرڪزي مَضمون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپاري پهرين، سورت بقره جي آيت 43 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيتِ مقدسه ۾ بہ بني اسرائيل سان خطاب آهي، هن کان پوئين آيت ۾ انهن کي ايمان قبول ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو، هتي انهن کي 3 نيڪ اعمالن جو حڪم ڏنو ويو، ارشاد ٿيو:

(1): پهريون حڪم:

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ نماز قائم ڪيو. (سيپارو: 1، البقرة: 43)

(2): ٻيو حڪم:

وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ زڪوات ادا ڪريو. (سيپارو: 1، البقرة: 43)

(3): ٽيون حڪم:

وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪيو. (سيپارو: 1، البقرة: 43)

## بني اسرائيل لاءِ شفا جو نسخو

حڪيمُ الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه هن هنڌ وڏي ايمان افروز ڳالهه لکي آهي، فرمائن ٿا: بني اسرائيل جا عالمَ 3 بيمارين ۾ گرفتار هئا: (1): خود پسندي (جيئن قرآن ڪريم ۾ به ڪجهه هنڌن تي ٻڌايو ويو ته اهي پاڻ کي الله پاڪ جو محبوب چوندا هئا، انهن جو اهو مڃڻ هو ته اسان هرگز جهنم ۾ نه ويندياسين، جيڪڏهن وياسين تڏهن به ڪجهه ڏينهن رهنداسين وغيره، اها انهن جي خود پسندي هئي، جيڪا انهن کي ايمان آڻڻ کان روڪي رهي هئي). (2): ٻي بيماري مال جي حرص (انهن ماڻهن کي جيئن ته نذرانا ملندا هئا، ماڻهو انهن کي عالِم فاضل سمجهي انهن جي خدمت ڪندا هئا، ان وقت جي غير مسلم حڪمرانن انهن لاءِ باقاعده وظيفا

مقرر ڪري رکيا هئا، انهن نذرانن ۽ وظيفن جي لالچ هئي، اهي ڄاڻيندا هئا تہ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سچا نبي آهن پر انهن کي پنهنجا نذرانا ۽ وظيفا بند ٿيڻ جو ڊپ هو، ان ڪري ڪلمو نہ پڙهندا هئا). (3): ٽئين بيماري انهن جي اها هئي تہ اهي حسد ۾ مبتلا هئا (حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلام کان پوءِ نبوت بني اسرائيل ۾ هلندي پئي آئي، ان دوران جيڪي بہ نبي تشريف فرما ٿيا، سڀ بني اسرائيل مان هئا، هاڻي جڏهن آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلام جي اولاد ۾ تشريف فرما ٿيا تہ انهن کي حسد ٿيو تہ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، بني اسرائيل ۾ ڇو نہ آيا، ان حسد جي باهہ ۾ سڙي انهن ڪلمو پڙهڻ ۽ محبوبِ خدا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي ۾ اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو). مطلب تہ اهي 3 باطني بيماريون هيون، جيڪي بني اسرائيل کي ڪلمو پڙهڻ ۽ اسلام قبول ڪرڻ کان روڪي رهيون هيون، تنهنڪري انهن جي انهن 3 بيمارين لاءِ 3 علاج تجويز ڪيا ويا، ارشاد ٿيو:[1]

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ نماز قائم ڪيو. (سيپارو: 1، البقرة: 43)

ان جي برڪت سان توهان کي خود پسندي کان نجات ملي ويندي، يعني جڏهن توهان سچي دل سان رب ڪريم جي حضور مٿو جهڪائيندا، مٿو سجدي ۾ رکي سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى چوندا تہ ان جي برڪت سان توهان جو غرور

[1]... تفسيرِ نعيمی، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:43، جلد:1، صفحہ:339 مفصلاً۔

ٽٽندو، دل ۾ عاجزي ايندي ۽ توهان کي خود پسندي جي آفت کان نجات ملي ويندي.[1]

وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ زڪوات ادا ڪريو. (سيپارو: 1، البقرة: 43)

ان جي برڪت سان مال جي محبت دل مان نڪري ويندي ۽

وَ ارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِیْنَ ﴿۴۳﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪيو.
(سيپارو: 1، البقرة: 43)

يعني باجماعت نماز پڙهو! جڏهن توهان مسجد ۾ حاضر ٿي ٻين مسلمانن سان گڏ ملي صف ۾ بيهندا، جڏهن ڏسندا ته

ایک ہی صَف میں کھڑے ہو گئے محمود و اَیاز
نہ کوئی بندہ رہا، نہ کوئی بندہ نَواز( 2 )

يعني◈ڪو امير آهي يا غريب ◈ ڪو سيٺ آهي يا نوڪر◈ ڪو حڪمران آهي يا عام رعايا ۾ ان جو شمار آهي◈ ڪو وقت جو غوث آهي يا عام گنهگار ٻانهو آهي، جڏهن رب رحمان جي حضور حاضر ٿي ويا ته سڀ هڪ ئي صف ۾ بيٺل آهن، ڪنهن جي لاءِ الڳ امتيازي مسند تيار نہ ڪئي

[1]... تفسیرِ نعیمی، پارہ:1، سورۂ بقرۃ، زیر آیت:43، جلد:1، صفحہ:339 مفصلاً۔

[2]... کلیاتِ اقبال، بانگ درا، صفحہ:193۔

وئي تہ فلاڻو حضرت هن عظيم مسند تي سجدو ڪندو ۽ غريب ماڻهو زمين تي مٿو رکندو، اهڙو ڪو امتياز ناهي، رب ڪريم جي حضور حاضري جو اهو عظيم ۽ عاجزي و انڪساري وارو منظر ڏسندا، ان ۾ شرڪت ڪندا تہ ان جي برڪت سان توهان جي اندر جو حسد دم ٽوڙي ويندو. تنهنڪري اي بني اسرائيل! اهي 3 ڪم ڪريو! (1): نماز قائم ڪيو! (2): زڪوات ادا ڪيو! (3): ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ ملي ڪري رڪوع ڪيو! ان بيمثال شفا جي نسخي ۾ توهان جي تمام باطني بيمارين جو علاج آهي، تنهنڪري پنهنجي باطني بيمارين جو علاج ڪيو ۽ ڪلمو پڙهي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم سان چنبڙي وڃو!

## آيتِ ڪريمہ مان سکڻ جا سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! آيتِ ڪريمہ ۾ 3 حڪم ڏنا ويا آهن، اهي حڪمَ صرف بني اسرائيل جي عالمن لاءِ ئي نہ آهن بلڪ اسان لاءِ بہ آهن، اسان تي بہ لازم آهي تہ اهي 3 نيڪ اعمال لازمي اپنايون، ان ۾ اسان جي ايمان جو تحفظ بہ آهي ۽ ان سان گڏوگڏ گهڻا دنياوي ۽ اُخروي فائدا بہ انهن نيڪ اعمالن مان ملندا آهن. اچو! انهن نيڪ اعمالن جي ڪجهہ وضاحت ۽ انهن جون برڪتون ٻڌون ٿا:

## (1) نماز قائم رکو...!!

پهريون نيڪ عمل جنهن جو هتي حڪم ڏنو ويو، اهو آهي: نماز قائم رکڻ. ارشاد ٿيو:

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ نماز قائم ڪيو. (سيپارو: 1، البقرة: 43)

هن هنڌ پهريان تہ نماز قائم رکڻ جي معنيٰ سمجهي وٺو! اسان جي معاشري ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو لڌا ويندا آهن، جيڪي معاذ الله! شريعت ۽ طريقت کي الڳ الڳ ڪندا آهن، نالو تصوف جو وٺندا آهن ۽ انداز اهو اختيار ڪندا آهن جيڪو منافقن وارو آهي، انهن نادانن کي جيڪڏهن نماز جي دعوت ڏني وڃي تہ چوندا آهن: قرآن ڪريم تہ نماز پڙهڻ جو حڪم ئي ناهي ڏنو، قائم رکڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ اسان قائم رکيو وينا آهيون. (اَسْتَغْفِرُ الله!) خبر ناهي قائم رکڻ مان اهي نادان ڪهڙي مراد وٺن ٿا، جڏهن نماز پڙهٽي ناهي تہ خبر ناهي ڪيئن قائم رکٽي آهي؟ اهي ذيشان رسول، بيبي آمنہ جي مهڪندڙ گل صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي قرآن نازل ٿيو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ سموري زندگي نماز پڙهندا رهيا، راتين جو ايڏو ڊگهو قيام فرمائيندا هئا جو پيرن مبارڪن تي سوڄ اچي ويندي هئي.[1]

## نماز قائم رکڻ جي معنيٰ

نماز قائم رکڻ جي ڪهڙي معنيٰ آهي، توجهہ سان سمجهي وٺو! علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ◈نماز صحيح پڙهڻ (مثال طور نماز جا رڪوع، سجدا، قرائت، قيام وغيره سڀ افعال بلڪل ان طرح ادا ڪرڻ، جيئن رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيکاريا آهن) ◈ نماز هميشہ پڙهڻ (پنجن نمازن مان ڪا هڪ نماز بہ قضا نہ ڪرڻ) ◈ صحيح وقت تي نماز پڙهڻ ◈ نماز جو فڪر ڪرڻ، سفر ۾ هجون يا گهر ۾، تندرستي هجي يا بيماري، هر حال

[1]...بخاری، کتاب الرقاق، باب الصبر عن محارم، صفحہ:1591، حدیث:6471۔

۾ نماز پڙهندو رهڻ، ان کي نماز قائم رکڻ چوندا آهن. صوفي سڳورن ان جي وضاحت ائين ڪئي تہ قلب ۽ قالب (يعني دل ۽ جسم کي) الله پاڪ جي طرف متوجهہ رکي نماز پڙهڻ نماز قائم رکڻ آهي.[1]

## منهنجي طرف متوجهہ ٿي وڃ!

حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ سرورِ دوجهان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عالي شان آهي: جڏهن ٻانهو نماز لاءِ بيهندو آهي تہ اهو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندو آهي، جڏهن هو هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو آهي تہ الله پاڪ ارشاد فرمائيندو آهي: تون ڪنهن جي طرف ڏسي رهيو آهين؟ ڇا مون کان بهتر جي طرف ڏسي رهيو آهين؟ اي ابن آدم (يعني اي انسان!) منهنجي طرف متوجهہ ٿي وڃ! مان ان کان بهتر آهيان جنهن جي طرف تون ڏسي رهيو آهين.[2]

## نماز دوران وڇونءَ 40 ڏنگ هنيا

حضرت عبدُالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ننڍپڻ ۾ ڏٺل هڪ عبادت گذار خاتون مون کي چڱي طرح ياد آهي. نماز جي حالت ۾ وڇونءَ (Scorpion) ان کي 40 ڏنگ هنيا پر ان جي حالت ۾ ٿورو بہ فرق نہ آيو. جڏهن هوءَ نماز کان فارغ ٿي تہ مون چيو: امڙ! ان وڇونءَ کي توهان هٽايو ڇو نہ؟ جواب ڏنائين: پٽ! اڃا تون ٻار آهين، اهو ڪيئن مناسب هو! **مان تہ پنهنجي رب جي ڪم ۾ مشغول هيس، پنهنجو ڪم ڪيئن ڪريان ها؟**[3]

---

[1]... تفسيرِ نعيمی، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:43، جلد:1، صفحہ:339-340 مُفصلاً۔

[2]...مسند بزار، المکيون عن ابی ہريره، جلد:16، صفحہ:200، حديث:9332۔

[3]...کشف المحجوب، کشف الحجاب الخامس فی الصلاة، صفحہ:355۔

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ اهڙي نماز پڙهڻ جي توفيق بخشي. خير! الله پاڪ اسان کي نماز قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ قائم ڪرڻ جو مطلب اهو آهي تہ ◈نماز صحيح پڙهي وڃي◈وقت تي پڙهي وڃي ◈هميشہ پڙهي وڃي◈نماز جو فڪر ڪيو وڃي ۽ الله پاڪ توفيق بخشي تہ دل جي توجهہ سان سمجهي ڪري نماز پڙهي وڃي. مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: نماز قائم ڪرڻ (يعني نماز جي ظاهري باطني آدابن جو لحاظ رکندي نماز پڙهڻ ئي) انسان کي برائين ۽ بڇڙين ڳالهين کان بچائي ٿي.[1]

الله پاڪ اسان کي توفيق بخشي، ان انداز سان اسان نماز پڙهنداسين تہ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! اهڙيون اهڙيون برڪتون نصيب ٿينديون جو دنيا بہ سنورجي ويندي، آخرت بہ سنورجي ويندي.

## چور صحيح نماز پڙهڻ جي برڪت سان سُڌري ويو

هڪ ڀيري سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو ويو: فلاڻو شخص رات جو نماز پڙهندو آهي ۽ صبح جو چوري ڪندو آهي! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جلد ئي نماز ان کي بڇڙي عمل کان روڪي ڇڏيندي.[2]

[1]... تفسيرِ نعيمی، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:43، جلد:1، صفحہ: 340 بتغير قليل۔

[2]...مسند امام احمد، مسند ابی ہريره، جلد:4، صفحہ:658، حديث:10030۔

# هڪ مجازي عاشق جي دلچسپ حڪايت

حضرت عبدالرحمٰن صفوري رَحمۃُاللہِعَلَیْہ نُزهةُ المجالس ۾ هڪ انوکو واقعو بيان فرمايو آهي، جنهن جو خلاصو هي آهي تہ هڪ شخص ڪنهن عورت تي عاشق ٿي پيو، آخرڪار همت ڪري ان هڪ خط ۾ ان عورت تي پنهنجي عشق جو اظهار ڪيو. اها عورت نهايت شريف خاندان سان تعلق رکندڙ هئي، خط ڏسي پريشان ٿي وئي، چو تہ شادي شده بہ هئي، ڪجهہ سوچي سمجهي اهو خط پنهنجي مڙس جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيائين. ان جو مڙس هڪ مسجد جو امام هو ۽ نهايت پرهيزگار هجڻ سان گڏوگڏ ڪافي سمجهدار بہ هو، ان کي پنهنجي گهرواريءَ تي پورو پروسو هو. تنهنڪري ان خط جي جواب ۾ پنهنجي گهرواريءَ جي معرفت ئي اهو جواب ڏياريائين تہ فلاڻي مسجد ۾ فلاڻي امام جي پويان لاڳيتو 40 ڏينهن پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪر، پوءِ اڳتي ڏنو ويندو. ان عاشق پابنديءَ سان نمازِ باجماعت شروع ڪري ڏني. جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا نماز جون برڪتون ان تي ظاهر ٿينديون ويون. جڏهن 40 ڏينهن گذري ويا تہ ان جي دل جي دنيا ئي بدلجي چڪي هئي، تنهنڪري ان اهو پيغام موڪلي ڏنو: (محترمہ! نماز جي برڪت سان منهنجي اک کلي وئي آهي، مان معاذ الله حرام ڪاريءَ جا خواب ڏسندو هئس پر الله ڪريم جو ڪروڙين ڪروڙ شڪر جو ان مون کي تنهنجي محبت کان ڇوٽڪارو عنايت فرمائي ڇڏيو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰہ!) مون پنهنجي بدنيتي کان توبهہ ڪري ورتي آهي ۽ توکان بہ معافي جو طلبگار آهيان. جڏهن ان نيڪ عورت پنهنجي مڙس کي اهو پيغام ٻڌايو تہ ان جي زبان مان

بي ساختہ (يعني هڪ دم) هي جاري تي ويو: صَدَقَ اللہُ الْعَظِیْمُ فِیْ قَوْلِہٖ (يعني رب عظيم پنهنجي هن ارشاد ۾ بلڪل سچ فرمايو):[1]

اِنَّ الصَّلٰوۃَ تَنْهٰی عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بُري ڳالھ کان روڪي ٿي.
(سيپارو: 21، العنڪبوت: 45)

بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہئے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نَماز
آؤ مسجِد میں جُھک جاؤ ربّ کے حضور | تم کو دلوائے گی حق سے رِفْعَت نماز
کیوں نمازی جہنم میں جائے بَھلا! | اِس کو دِلوائے گی باغِ جنّت نماز (2)

## نماز جا مختلف 25 فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز جي عادت اپنايو! نماز قائم ڪيو! يعني درست پڙهو! هميشہ پڙهو! سموريون نمازون پڙهو! ۽ الله پاڪ توفيق ڏئي تہ دل لڳائي پڙهو! الحمدلله! نماز تمام اعليٰ عبادت آهي، افضل ترين عبادت آهي ◈ الله پاڪ جي رضا جو سبب نماز آهي ◈ مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي اکين جي ٺڏاڻ نماز آهي ◈ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنت نماز آهي ◈ نماز اونداهي قبر جو ڏيئو آهي ◈ نماز عذابِ قبر کان بچائي ٿي ◈ نماز قيامت جي اُس ۾ ڇانوَ آهي ◈ نماز پل صراط لاءِ آساني آهي ◈ نماز نور آهي ◈ نماز جنت جي چابي آهي ◈ نماز جهنم جي عذاب کان بچائي ٿي ◈

[1]...نزہۃ المجالس، شب و روز کی نمازوں کے فضائل، جلد:1، صفحہ:395۔

[2]...وسائلِ فردوس صفحہ:22-23 ملتقطاً۔

نماز سان رحمت نازل ٿيندي آهي◈ الله پاڪ محشر ڏهاڙي نمازيءَ کان راضي هوندو◈ نماز دين جو ٿنڀو آهي◈ نماز سان گناهہ معاف ٿيندا آهن◈ نماز دعائن جي قبوليت جو سبب آهي◈نماز بيمارين کان بچائي ٿي◈نماز سان بدن کي سڪون ملندو آهي◈نماز سان روزي ۾ برڪت ٿيندي آهي◈نماز بي حيائي ۽ بڇڙن ڪمن کان بچائي ٿي◈نماز شيطان کي ناپسند آهي◈نماز قبر جي اونداهيءَ ۾ اڪيلائي جي ساٿي آهي ◈ نماز نيڪين جي پُڙ کي وزني بڻائي ڇڏيندي آهي◈ نماز مومن جي معراج آهي◈ نماز کي وقت تي ادا ڪرڻ تمام اعمال کان افضل آهي ◈ نمازيءَ لاءِ سڀ کان وڏي نعمت اها آهي تہ ان کي بروزِ قيامت الله پاڪ جو ديدار ٿيندو.

ہر عِبادت سے برتر عِبادت نماز
ساری دَولت سے بڑھ کر ہے دَولت نماز
قلبِ غمگین کا سَامانِ فَرحَت نماز
ہے مریضوں کو پیغامِ صحت نماز
صبر سے اور نمازوں سے چاہو مدد
پوری کرواتے ہر ایک حَاجَت نماز(1)

## (2): نمازِ باجماعت جو حڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! ساڳي آيتِ ڪريمہ ۾ نماز بابت هڪ ٻيو حڪم ڏنو ويو تہ

وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪيو.

(سيپارو: 1، البقرة: 43)

[1]…وسائلِ فردوس صفحہ:22ملتقطًا۔

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: ان جو مطلب هي آهي تہ جماعت سان نماز پڙهو! ڇو تہ جماعت جي نماز اڪيلي نماز تي 27 درجا افضل آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هر◈ مسلمان مرد◈ عاقل يعني جيڪو عقل مند آهي، چريو ناهي◈بالغ آهي، نابالغ ناهي◈ آزاد آهي، غلام ناهي ۽ ◈قادر آهي، يعني مسجد تائين پهچڻ جي طاقت رکي ٿو، ان تي پنج ئي نمازون مسجد ۾ اچي باجماعت ادا ڪرڻ واجب آهي، جيڪڏهن بغير ڪنهن شرعي مجبوري جي هڪ ڀيرو بہ جماعت ڇڏيندو تہ گنهگار ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪيترائي ڀيرا جماعت ترڪ ڪندو تہ اهڙو شخص فاسق آهي.[2] ۽ جيڪو شخص مسجد ۾ پهچڻ جي طاقت نٿو رکي مثال طور نابين آهي، يا ان جون ٽنگون سلامت نہ آهن، شديد بيمار آهي، هلي ڦري نٿو سگهي تہ اهڙي شخص تي جيتوڻيڪ جماعت واجب ناهي، البت ان لاءِ بہ افضل اهو ئي آهي تہ جيئن ممڪن ٿئي مسجد ۾ اچي ۽ نماز باجماعت ئي ادا ڪري.

## باجماعت نماز جا فضائل

مسلمانن جا ٻيا خليفا، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَاللہُعنہ فرمائن ٿا: مون ٻنهي جهانن جي سردار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ الله پاڪ باجماعت نماز پڙهڻ وارن کي محبوب (يعني پيارو) رکندو آهي.[3]

---

[1]…تفسير نعيمی، پاره:1 ، سورۂ بقره، زيرِ آيت:43، جلد:1، صفحہ:340۔
[2]…بہار شريعت، جلد:1، صفحہ:582، حصہ:3بتغير قليل۔
[3]…مسند امام احمد، مسند عبدالله بن عمر، جلد:3، صفحہ:173، حديث:5230۔

حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ عنہ بيان ڪن ٿا: الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ٻانهو باجماعت نماز پڙهي پوءِ الله پاڪ کان پنهنجي ضرورت جو سوال ڪري ته الله پاڪ ان ڳالهه کان حياء فرمائيندو آهي ته ٻانهو ضرورت پوري ٿيڻ کان پهريان واپس موٽي وڃي.[1]

جماعت سے گر تُو نمازیں پڑھے گا | خدا تیرا دامن کرم سے بھرے گا

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: مرد جي نماز مسجد ۾ جماعت سان، گهر ۾ ۽ بازار ۾ پڙهڻ کان 25 درجا وڌيڪ آهي.[2] ۽ هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: نماز باجماعت اڪيلي پڙهڻ کان 27 درجا وڌيڪ آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! فرض ڪيو ته ڪنهن وٽ تجارت جو سامان آهي، جيڪڏهن هو ان کي پنهنجي شهر ۾ وڪرو ڪري ته ان جي قيمت 100 رپيا لڳي ۽ جيڪڏهن سمنڊ پار وڃي اهو ساڳيو سامان وڪرو ڪري ته 2500 يا 2700 رپين ۾ وڪامجي وڃي ته هو يقيناً سمنڊ پار وڃي ڪري ئي پنهنجو مال وڪڻ پسند ڪندو ته 25 ڀيرا يا 27 ڀيرا نفعو ڪير ڇڏيندو! افسوس! دنيا جي دولت وڌائڻ لاءِ ته پري پري جو سفر ڪرڻ لاءِ ماڻهو تيار ٿي ويندا آهن پر گهر کان صرف ڪجهه قدم هلي ڪري مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهي

---

[1]... كَنْز الْعُمَال، کتابُ: الصّلوٰة، جز:7، جلد:4، صفحہ:227، حديث:20239۔

[2]... بُخاری، کتاب الاذان، باب فضل صلاة الجماعۃ، صفحہ:223، حديث:646۔

[3]... بُخاری، کتاب الاذان، باب فضل صلاة الجماعۃ، صفحہ:223، حديث:645۔

ڪري هڪ نماز تي 27 نمازن جو ثواب ڪمائڻ ۾ ڪجھ ماڻھو سستي ڪري ويندا آھن ۽ گھرن ۾ ئي نماز ادا ڪري وٺندا آھن.

بھائی مسجد میں جماعت سے نمازیں پڑھ سدا
ہوں گے راضی مصطفٰے، ہو جائے گا راضی خدا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جماعت جو عاشق عالِم

حضرت محمد بن سَماعہ رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ امام اعظم، امام ابو حنيفہ رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ جي شاگردن جا شاگرد آھن، پاڻ 103 سال عمر ماڻي، پاڻ روزانو 200 رڪعتون نماز نفل پڙھندا ھئا.[1] سندن نمازِ باجماعت جي جذبي جو اھو عالَم ھو جو فرمائن ٿا: مسلسل 40 سالن تائين منھنجي ھڪ پيري ڪان علاوه ڪڏھن تڪبير اوليٰ فوت ناھي ٿي. جنھن ڏينھن منھنجي والده جو انتقال ٿيو، ان ڏينھن ھڪ وقت جي جماعت ڇڏجي وئي تہ مون ان خيال ڪان تہ جماعت جي نماز جو 25 ڀيرا ثواب ملندو آھي، اھا ئي نماز مون اڪيلي 25 مرتبہ پڙھي، پوءِ مونکي ڪجھ ننڊ اچي وئي تہ ڪنھن خواب ۾ اچي چيو: 25 نمازون تہ تو پڙھي ورتيون پر ملائڪن جي آمين جو ڇا ڪندين؟[2]

[1]...تَارِیْخ بَغْدَاد، رقم:921، محمد بن سماعۃ بن عبيدالله، جلد:2، صفحہ:404۔
[2]...تَارِیْخ بَغْدَاد، رقم:921، محمد بن سماعۃ بن عبيدالله، جلد:2، صفحہ:404۔

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي جماعت جي جذبي جو ڇا چوڻ! جو هڪ نماز جي جماعت فوت ٿي وڃڻ تي حضرت محمد بن سماعہ رَحْمَۃُاللّٰہِعَلَیْہ اها نماز 25 ڀيرا پڙهي!

ہو کرم اے رَبِّ رحمت! پئے سرورِ رسالت
نہ نمازِ باجماعت کی چھٹے کبھی سَعَادت(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! مزيد هن واقعي ۾ ملائڪن جي آمين جو بہ بيان ٿيو، نمازِ باجماعت ۾ سورة فاتحہ کان پوءِ آهستي آواز ۾ آمين چئي ويندي آهي، اهڙي طرح دعا کان پوءِ بہ اسان آمين چوندا آهيون، آمين جي معنيٰ آهي: ائين ئي هجي. فرشتن جي آمين جي بہ کهڙي ڳالهہ آهي! فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن امام غَیْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَیْهِمْ وَلَا الضَّآلِّیْنَ۠ چوي تہ آمين چئو! جو جنهن جو آمين چوڻ فرشتن جي آمين چوڻ جي مطابق هوندو، ان جا پويان گناهہ بخشيا ويندا.[2]

## جماعت ڇڏجي وڃڻ جو غم

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسي ونو! نمازِ باجماعت جون کهڙيون کهڙيون برڪتون آهن. ظاهر آهي جيڪو نماز باجماعت ادا نٿو ڪري، اهو امام صاحب جي سورة فاتحہ پڙهڻ کان پوءِ آمين بہ نہ چئي سگهندو ۽ جيڪو ان موقعي تي آمين نہ چئي سگهيو يقيناً ان گناهہ بخشائڻ جو هڪ عظيم موقعو

---

1... فيضانِ نماز، صفحہ:168۔

2... بُخاری، کتاب الاذان، باب جہر المأموم بالتامين، صفحہ:251، حديث:782۔

وڃائي ڇڏيو پر هاءِ! اسان جي سستي ۽ غفلت جو علاج ڪير ڪري! افسوس! اهو دور اچي ويو آهي جو بيشمار نمازي بہ هاڻي جماعت جي پرواهہ ناهن ڪندا بلڪ ڪڏهن نماز بہ قضا ٿي وڃي تہ انهن کي ڪنهن قسم جو ڏک ناهي ٿيندو جڏهن تہ بزرگان دين، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي حالت هيءَ هئي جو جيڪڏهن انهن کان ڪڏهن تڪبير اوليٰ فوت ٿي ويندي هئي تہ 3 ڏينهن ۽ جماعت فوت ٿي ويندي هئي تہ ان جو 7 ڏينهن تائين غم ملهائيندا هئا.[1] صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُما جي متعلق منقول آهي تہ جيڪڏهن ڪڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ جي جماعت نڪري ويندي هئي تہ ٻي نماز تائين نفلَ پڙهندا رهندا هئا.[2] هڪ روايت ۾ آهي: جڏهن سندن عشاء جي جماعت فوت ٿي ويندي هئي تہ پوري رات عبادت ۾ گذاري ڇڏيندا هئا.[3] تابعي بزرگ حضرت سعيد بن عبدالعزيز رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي جڏهن جماعت نڪري ويندي هئي تہ پنهنجي ڏاڙهي پڪڙي روئڻ ويهي رهندا هئا.[4]

## پنج وقت جي نمازِ باجماعت جا فضائل

اي عاشقانِ رسول! صحابہءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام جي باري ۾ اهو تصور بہ نٿو ٿي سگهي تہ هي ڄاڻي واڻي شرعي اجازت جي بغير جماعت ترڪ فرمائن، ڪنهن مجبوري جي بنا تي جماعت ڇڏجي وڃڻ تي انهن جي هي حالت هوندي هئي پر هاءِ! هاڻي اسان جو هڪ تعداد بغير ڪنهن شرعي مجبوري جي ترڪِ جماعت جي آفت ۾ مبتلا نظر اچي رهيو آهي ۽ جنهن

---

[1]...مكاشفة القلوب، باب فضل صلاة الجماعة، صفحہ:400۔
[2]...شعب الايمان، باب الحادى والعشرين فى الصلوات، فصل المشى الى المساجد، جلد:3، صفحہ:77، رقم:2923۔
[3]...تاريخ ابن عساكر،رقم:3421، عبدالله بن عمر بن خطاب، جلد:31، صفحہ:128۔
[4]... تاريخ ابن عساكر،رقم:2514، سعيد بن عبدالعزيز بن ابى يحيى،جلد:21، صفحہ:203۔

جي جماعت ڇڏجي ويندي آهي، ان کي افسوس ٿيڻ تہ پري رهيو ان جي کلڻ ڳالهائڻ ۾ ڪنهن قسم جو فرق بہ ناهي ايندو! ڪاش...!! جماعت ترڪ ڪرڻ وارن کي اهو احساس ٿي وڃي تہ جماعت ترڪ ڪرڻ جي صورت ۾ انهن جو ڪيترو نقصان ٿيو آهي. روايتن مطابق ◈ فرض نماز جماعت سان ادا ڪرڻ ۾ ايمان وارو هجڻ جي شاهدي آهي ◈ الله پاڪ باجماعت نماز پڙهڻ وارن کي محبوب (يعني پيارو) رکندو آهي ◈ نمازِ باجماعت اڪيلي پڙهڻ کان 27 درجا افضل آهي ◈ الله پاڪ ۽ ان جا فرشتا باجماعت نماز پڙهڻ وارن تي درود موڪليندا آهن ◈ باجماعت عشاء جي نماز پڙهڻ جڻ اڌ رات قيام (يعني عبادت) ڪرڻ آهي ◈ فجر جي نماز باجماعت پڙهڻ جڻ پوري رات قيام (يعني عبادت) ڪرڻ آهي ◈ باجماعت نماز پڙهڻ وارو پل صراط تان سڀ کان پهريان بجليءَ وانگر گذرندو ◈ باجماعت نماز ادا ڪرڻ وارن جي شان و شوڪت ڏسي محشر وارا رِيسَ ڪندا ◈ ان جا گناهہ بخشيا ويندا ◈ جيڪو نمازِ باجماعت لاءِ مسجد ۾ اچي، ان کي هر قدم جي بدلي ثواب ملندو ◈ مسجد جي طرف ويندڙ جي هر قدم تي هڪ درجو بلند ٿيندو آهي ۽ ◈ هڪ گناهہ ڊاٺو ويندو آهي ◈ الله ڪريم ان جي لاءِ صبح ۽ شام جنت ۾ مهماني جو اهتمام فرمائيندو ◈ نماز لاءِ کجندڙ هر قدم صدقو آهي ◈ ٻانهو جيستائين نماز جو انتظار ڪندو رهي، ڀلائي تي رهندو ◈ الله پاڪ جي حفاظت ۾ رهندو ◈ شيطان کان محفوظ رهندو ◈ باجماعت نماز پڙهڻ واري کي روز قيامت عرش جي ڇانوَ نصيب ٿيندي ◈ ان کي جهنم، منافقت ۽ غفلت کان نجات نصيب ٿيندي ◈ ۽ نمازِ باجماعت جي هڪ برڪت آهي تہ ان جي صدقي پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي.[1] هڪ ڏگهي حديثِ پاڪ ۾ آهي،

---

[1]...فيضان نماز، صفحہ:139۔

سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو:◈ جنهن فجر جي نماز باجماعت پڙهي، پوءِ ويهي ڪري الله پاڪ جو ذڪر ڪندو رهيو ايستائين جو سج نڪري آيو ان جي لاءِ جنتُ الفردوس ۾ 70 درجا هوندا، هر 2 درجن جي وچ ۾ ايترو فاصلو هوندو جيترو هڪ سيڪاريل (Trained) تيز رفتار عمده نسل جو گهوڙو 70 سالن ۾ طئي ڪندو آهي ◈جنهن ظهر جي نماز باجماعت پڙهي، ان جي لاءِ جنتِ عدن ۾ 50 درجا هوندا، هر 2 درجن جي وچ ۾ ايترو فاصلو هوندو جيترو هڪ سيڪاريل (Trained) تيز رفتار عمده نسل جو گهوڙو 50 سالن ۾ طئي ڪندو آهي ◈ جنهن عصر جي نماز باجماعت پڙهي، ان جي لاءِ اولادِ اسماعيل مان اهڙا 8 غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب هوندو جيڪي ڪعبي شريف جي سار سنڀال ڪرڻ وارا هجن ◈جنهن مغرب جي نماز باجماعت پڙهي، ان جي لاءِ مقبول حج ۽ مقبول عمري جو ثواب هوندو ◈ جنهن عشاء جي نماز باجماعت پڙهي، ان جي لاءِ ليلةُ القدر ۾ قيام (يعني عبادت) ڪرڻ جي برابر ثواب هوندو.[1]

خدا! سب نمازیں پڑھوں باجماعت | کرم ہو پئے تاجدارِ رسالت

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3): زڪوات ادا ڪريو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! آيتِ ڪريمه ۾ ٽيون حڪم هي ڏنو ويو ته

[1]... شُعَبُ الْاِیْمَان، بابُ السبعون فی الصّبر علی المصائب، جلد:7، صفحہ:137، حدیث:9761۔

وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ زڪوات ادا ڪريو. (سيپارو: 1، البقرة: 43)

پيارا اسلامي ڀائرو! زڪوات بہ تمام اهم ترين عبادت آهي، اسلام جي 5 بنيادي رڪنن مان هڪ بنيادي رڪن آهي. ان جا بہ گهڻا فضائل ۽ گهڻيون برڪتون آهن. هڪ سبق آموز روايت ٻڌي ونو!

## زڪوات جي فضائل تي ڪجھ روايتون

امام غزالي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: جنهن پنهنجي قيمتي مال مان رضامندي ۽ خوش دلي سان زڪوات ادا ڪئي تہ◈ پهرين آسمان ۾ ان جو نالو سَخِيٌّ (يعني سخاوت ڪرڻ وارو) آهي◈ ٻئي ۾ ان جو نالو مُبَارَكٌ (يعني ان جي مال جان ۾ برڪت رکي وئي آهي)، ان جو مال محفوظ رهندو ◈ ٽئين ۾ ان جو نالو جَوَّادٌ (يعني گهڻي سخاوت ڪرڻ وارو) آهي ◈ چوٿين آسمان ۾ ان جو نالو مُطِيْعٌ (يعني فرمانبردار) آهي◈پنجين ۾ ان جو نالو بَارٌّ (يعني نيڪوڪار) آهي◈ ڇهين آسمان ۾ ان جو نالو مَحْفُوْظٌ (يعني ان جي حفاظت ڪئي وئي) آهي ۽ ◈ ستين آسمان ۾ مَغْفُوْرٌ (يعني معاف ڪيل) آهي.

۽ جيڪڏهن (معاذالله!) هو پنهنجي مال جي زڪوات ادا نہ ڪندو آهي تہ ◈ پهرين آسمان ۾ ان جو نالو آهي: بَخِيْلٌ (يعني ڪنجوس)◈ ٻئي ۾ هَالِكٌ

(يعني تباهہ و برباد ٿيڻ وارو)◈ ٽئين ۾ مُتَمَسِّكٌ (يعني جنهن کان خير کي روڪيو ويو هجي)◈ چوٿين ۾ ان جو نالو آهي: مَمْقُوْتٌ (يعني سخت ناپسنديده شخص)◈ پنجين ۾ عَاصِي (يعني گناهہ گار) ◈ڇهين آسمان ۾ ان جو نالو غَيْرُمَحْفُوْظٍ (يعني غير محفوظ، جنهن جي حفاظت نہ ڪئي وڃي) آهي ◈ ۽ ستين آسمان ۾ ان جو نالو آهي: مَرْدُوْدٌ (يعني اهو شخص جنهن جون نمازون، روزا مردود آهن).[1]

## بيان جو خلاصو

خلاصہءِ ڪلام هيءُ آهي تہ بني اسرائيل جا عالم پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي سچو ڄاڻيندا بہ هئا ۽ مڃيندا بہ هئا، ان جي باوجود ڪلمو پڙهي دائرہءِ اسلام ۾ داخل نہ ٿيندا هئا، ان جو سبب انهن جون 3 باطني بيماريون هيون: (1): خود پسندي (2): مال جي حرص (3): ۽ حسد. انهن جي انهن 3 بيمارين جا 3 علاج تجويز ڪيا ويا، ارشاد ٿيو:

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪريو ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪيو. (سيپارو: 1، البقرة: 43)

هي باطني بيمارين جا 3 علاج آهن: (1): نماز قائم ڪيو! (2): زڪوات ادا ڪيو (3): ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪيو (يعني نماز باجماعت

---

[1]...سلوة العارفين، باب الوعيد لمانع الزكوٰة، جلد:1، صفحه:259۔

ادا ڪندا ڪيو!).

الله پاڪ اسان کي اهي ٿئي نيڪ اعمال اپنائڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّن صلّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# آن لائن استخاره موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! الحمدلله! دعوت اسلامي جي آءِ ٽي ڊيپارٽمينٽ جي طرفان عوام جي آساني ۽ امتِ مصطفيٰ جي غمخواري لاءِ موبائل ايپلي ڪيشن Online rohani ilaj & istikhara لانچ ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان ◈آن لائن استخارو ڪرائي سگهو ٿا ◈بيماري، نظرِ بد، جادو، آسيب وغيره مسائل جي حل لاءِ في سبيل الله تعويذات حاصل ڪري سگهو ٿا◈آن لائن ڪاٽ به ڪرائي سگهو ٿا. وڌيڪ هن ايپلي ڪيشن ۾ ◈بيماري ◈غربت ◈غم، پريشاني ◈۽ آفات و بليات وغيره کان حفاظت جا مختلف اوراد ۽ وظائف به شامل آهن ◈پنهنجي اسمارٽ فون ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪري وٺو! پاڻ به فائدو کڻو ۽ ٻين کي ترغيب به ڏياريو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پاتي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** والدين، گهرواري ٻارن ٻچن وغيره جو قسم کڻڻ ناجائز ۽ گناهه آهي.

**وضاحت:** عام طور تي اسان وٽ اهو انداز پاتو ويندو آهي ته ماڻهو پنهنجي ماءُ، پيءُ، پيڻ ڀاءُ وغيره جو قسم کڻندا آهن، مثال طور ڪو چوندو آهي: مون کي منهنجي ڪير پياڪ ٻار جو قسم! ڪو چوندو آهي: منهنجي فوت شده والدين جو قسم! وغيره. ياد رکو! اهڙو قسم کڻڻ ناجائز ۽ گناهه آهي.[1] حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ الله پاڪ توهان کي پنهنجي پيءُ جو قسم کڻڻ کان منع فرمائيندو آهي، جيڪو شخص قسم کڻي ته اهو الله جو قسم کڻي يا چپ رهي.[2] نوٽ: ائين غير الله جو قسم کڻڻ سان ڪفارو لازم نه ٿيندو.

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] …دارالافتاء اہل سنت، فتوی نمبر: Pin-6863۔

[2] …بخاری، کتاب الایمان والنذور، باب لا تحلفوا بابائکم، صفحہ:1625، حدیث:6646۔

## اَسۡمَاءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَاتَوَّابُ

جيڪو بہ چاشت جي نماز کان پوءِ 360 ڀيرا يَاتَوَّابُ پڙهندو، اللہ پاڪ ان کي تَوبَةُ النَّصُوۡح (يعني سچي پڪي توبهہ) نصيب فرمائيندو.[1] اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]…مدنی پنج سوره، صفحہ:257۔